


Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19-11-2005

# دل پٿر تہ نہ آهي

شاعره

## اختر افروز شاهہ

چپائيندڙ

**سيد قمرالزمان شاهہ**

لطيف آباد نمبر 2، حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# حق ۽ واسطا محفوظ


ڪتاب: دل پٽر ته نه آهي

شاعره: اختر افروز شاهه

سن اشاعت: جولاءِ 2004ع

ڇپائيندڙ: سيد قمر الزمان شاهه
لطيف آباد نمبر 2 حيدرآباد

ڇپيندڙ: نيو گرين پرنٽرس
صدر حيدرآباد.
فون: 784848



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | عنوان | | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | شاعري سپنو بہ، ساييان بہ | امداد حسيني | 10 |
| .2 | ستن رنگن جون رنگ رنگوليون | سحر امداد | 13 |
| .3 | رب کان گهر | | 17 |
| .4 | زندگي خواب آهي | | 17 |
| .5 | اُداس پکي | | 18 |
| .6 | ڪاش مان | | 18 |
| .7 | ايڏو درد | | 19 |
| .8 | قيامت ڪان پوءِ | | 19 |
| .9 | سليٽ تان مٽيل لفظ | | 20 |
| .10 | هر ماڻهو | | 20 |
| .11 | رئڻ جو بهانو | | 21 |
| .12 | هيءَ دنيا | | 21 |
| .13 | دل جي آئيني تان | | 22 |
| .14 | مڪر ڪرين تو | | 22 |
| .15 | خوبصورت ڪائنات | | 23 |
| .16 | پنهنجي اکين جيان | | 23 |
| .17 | لوئي نہ لڄائج! | | 24 |
| .18 | سهڻو خواب | | 24 |


Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| .19 | تون خواب منهنجو | 25 |
| .20 | پئسي جو دور | 25 |
| .21 | ماڻهو ڪو خناس | 26 |
| .22 | پيرن ۾ لڦون اٿم | 26 |
| .23 | زهر جو ڏُڪ | 27 |
| .24 | سياست: اڳي / هاڻ! | 27 |
| .25 | سُڄ - رُڄ | 28 |
| .26 | جيئڻ ، جبر | 28 |
| .27 | دل پٽر تہ نہ آهي! | 29 |
| .28 | خطا جو پُتلو | 29 |
| .29 | منهنجا پنهنجا | 30 |
| .30 | شعرن جو ورد! | 30 |
| .31 | گونگو ٻوڙو انڌو! | 31 |
| .32 | شيشي وانگر | 31 |
| .33 | ڪنهن جو ڏک ونڊي | 32 |
| .34 | ڪنڌ هارائڻ | 32 |
| .35 | رنگ برنگي چرخو | 33 |
| .36 | ڏونگر ڏورڻ | 33 |
| .37 | قاتلن جو بسيرو | 34 |
| .38 | ظرف هميشہ زنده رک! | 34 |
| .39 | ڏوراپو | 35 |
| .40 | دعا | 35 |
| .41 | مايا چار | 36 |


Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .42 | خوش فهمي | 36 |
| .43 | زندگيءَ جو ڏيئو | 37 |
| .44 | سورن جي لولي! | 37 |
| .45 | اهو ڊائلاگ | 38 |
| .46 | ڪجي ته ڇا ڪجي! | 38 |
| .47 | ڪير ان ڪان سڪي! | 39 |
| .48 | بي سبب، بي خطا | 39 |
| .49 | جيڪي لفظ | 40 |
| .50 | اندر جو ڪارو | 40 |
| .51 | دل جي اندر | 41 |
| .52 | من موتي | 41 |
| .53 | گنهگار | 42 |
| .54 | ٿر جيان ويراني | 42 |
| .55 | اڌورو سپنو | 43 |
| .56 | توکي پسان ٿي | 43 |
| .57 | پيارو ماڻهو | 44 |
| .58 | اجنبي اجنبي | 44 |
| .59 | پروسو | 45 |
| .60 | عجيب سناٽو | 45 |
| .61 | سندر سپنن ۾ | 46 |
| .62 | سُور، ناسور (ڪافي) | 46 |
| .63 | نمي ڪمي نهار | 47 |
| .64 | جانيءَ ري جيئڻ! | 47 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .65 | اهو ڪو انسان ناهي! | 48 |
| .66 | گذريل وقت | 48 |
| .67 | تنهنجو ئي شهر | 49 |
| .68 | دل ڪي زخم | 49 |
| .69 | وفا ڪهڙي! | 50 |
| .70 | شڪايت | 50 |
| .71 | مطلب جي دنيا | 51 |
| .72 | لوڻ ، پُرڪ | 51 |
| .73 | محبت جو سبق | 52 |
| .74 | بيوقوف | 52 |
| .75 | ساجهہ | 53 |
| .76 | اهي نادانيون | 53 |
| .77 | تاج محل | 54 |
| .78 | سپنا | 54 |
| .79 | نظرن جا تير | 55 |
| .80 | آزاد پکي | 55 |
| .81 | رنگ رنگوليون | 56 |
| .82 | ڪڏهن ...! | 56 |
| .83 | ماڊرن دور | 57 |
| .84 | يزيد جو بيو روپ | 57 |
| .85 | ڪُوڙي خوشي | 58 |
| .86 | زهر | 58 |
| .87 | ڪيڏو ڏور | 59 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 88- | اهي لمحا | 60 |
| 89- | رشتن جو ماتم | 60 |
| 90- | عشق جي راند | 61 |
| 91- | هر تار ٽٽي پئي آهي | 61 |
| 92- | سڪٺو ڪشڪول | 62 |
| 93- | خوشيءَ جو سرگم | 62 |
| 94- | ريکما تکذبان | 63 |
| 95- | مان تنهنجي آهيان | 64 |
| 96- | ڪافر ٿيان | 65 |
| 97- | ڏادا ڏونگر ڏاڪڙا | 66 |
| 98- | لڳاپا سڀ لاهي! | 66 |
| 99- | سمهندي سار لهان | 67 |
| 100- | پرين اڪارج پار | 67 |
| 101- | اڏ من سنڌو سچ | 68 |
| 102- | ان اون ۾ | 68 |
| 103- | ان سان پيار ڪيم | 69 |
| 104- | رت جي ڳوڙهن مان | 69 |
| 105- | چنڊ آهين تون | 70 |
| 106- | پريت آهي مهانگي | 70 |
| 107- | سگ نه سجاتو جن | 71 |
| 108- | لوچيان ۽ لهان! | 71 |
| 109- | سڙيو تا سڙن! | 72 |
| 110- | آ...رو | 72 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .111 | ماتم | 73 |
| .112 | سُورن جي ڪهاڻي | 73 |
| .113 | ساهہ ۾ سانديون | 74 |
| .114 | برسات ۾ | 74 |
| .115 | پيار جا ترانا | 75 |
| .116 | محبت جو نئون ٻج پوکيو | 75 |
| .117 | ايڪيهين صديءَ جي عورت | 76 |
| .118 | ڪلندن نيٽن ڪي | 76 |
| .119 | آڏي ٻچا | 77 |
| .120 | سراب ئي سراب | 77 |
| .121 | آهون دانهون | 78 |
| .122 | ڪوڙ وڪامي ٿو | 78 |
| .123 | محبت ايڏي ملي | 79 |
| .124 | ٻالي ڀولي ٻارڙي | 79 |
| .125 | ڪيڏو نہ نادان آهين | 80 |
| .126 | ناداني | 80 |
| .127 | ناسور | 81 |
| .128 | انڌ جي گهڙي تي | 81 |
| .129 | محبت جو جام پياريو | 82 |
| .130 | ڌنڌلا عڪس | 82 |
| .131 | زندگيءَ سان ساٿ | 83 |
| .132 | درد منهنجي دل جو آهي | 83 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# انتساب

پنهنجي ور سيد عليٰ گوهر شاهہ

۽

پنهنجي پوٽي سيد مشڪ علي شاهہ

جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاعري، سپنو به، ساپيان به

شاعري به ٽي ويندي آهي. اوچتو. بنان ڪنهن به رٿابنديءَ جي. بنان ڪنهن اڳواٽ پروگرام جي. بس ٽي ويندي آهي. بلڪل ائين "اختر افروز شاهه" جي شاعريءَ لاءِ به چئي سگهجي ٿو.

"اختر" جڏهن پنهنجي شاعري ڪٺي آئي، ان سوال سان ته "هيءَ ڏسو به ۽ ڏسيو به ته. شاعري آهي به يا—؟ مون جڏهن اها شاعري پڙهي، تڏهن مون ڪيس چيو ته "ها، اها شاعري آهي". ان ۾ جذبات به آهي، احساس به آهن ۽ انهن ڪي سٽ، سريءَ ۾ پوئڻ جي جتن به آهي:

جتي پيار سڪون جي زندگي ٿئي بسر
اهڙو سهڻو آهي ڪٿي ڪو نگر

هڪ شاعر سدائين اهڙي ئي ڪنهن نگر جي ڳولا ۾ هوندو آهي، جتي سک، سڪار، پيار ۽ شانتي هجي، امن ۽ آشتي هجي. اهڙو نگر اصل ۾ هن جو سپنو هوندو آهي، جاڳندي جو سپنو- "اختر" به هڪ اهڙو ئي سپنو ڏٺو آهي ۽ ان جي ساپيان چاهي آهي. سپني لاءِ! هڪ شاعر لاءِ هن جي شاعري سپنو به آهي ته ساپيان به.

"اختر" حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائي، نپني، وڏي ٿي ۽ پرڻي پنهنجي سڳي سوٽ علي گوهر شاهه سان انهيءَ ئي شهر ۾ جنهن جون گهٽيون هن جون چاتل سڃاتل هيون. انهيءَ ئي شهر ۾ هوءَ اڻچاتل - اجنبي بڻجي رهجي وئي! هن جي وڏن جن ڪي، گلن جا هار گلي ۾ پاتا هئا، انهن ئي موٽ ۾ گوليون وسايون هيون:

هِتان گولي آئي هتان گولي آئي!


Scanned with CamScanner

۽ "اختر" پنهنجي ئي شهر ۾ اجنبيت جو ڏپ ڪٿي ڇاتل سڄاتل ڳهڻين مان، گولين جي وسندڙ مينهن مان گذري پوءِ اهو گهر، گهٽي، پاڙو، ۽ شهر ڇڏي ٻي گهر ٿئي ٿي ۽ جڏهن هوءَ پنهنجي شهر، پاڙي ۽ گهر ۾ موٽي اچي ٿي، تڏهن بي يقينيءَ جي ڪيفيت مان جند نہ ٿي ڇٽيس:

آهي ڪو اهڙو انسان جيڪو يقين ڏياري
هي ٻيو نہ پر "اختر" تنهنجو ئي شهر آهي
(تهنجو شهر)

شاعري ذات جو اظهار آهي. شاعر جن حادثن، واقعن، حالتن ۽ تجربن مان گذري ٿو، شاعريءَ ۾ انهن جو ئي اظهار ڪري ٿو. "اختر" جي شاعري بہ اهڙن ئي حادثن، واقعن، حالتن ۾ تجربن جو عڪس آهي، ڪٿي ڏنڏلو تہ ڪٿي چٽو:

نانگن جو زهر تہ ڪڏي سگهجي ٿو
انسان مان زهر ڪڍڻ مشڪل آهي

"اختر" جيڪي ڪجهہ تخليق ڪيو آهي، ۽ جنهن فارم ۾ تخليق ڪيو آهي، ان ڪي پابند، آزاد نثري يا نيم پابند، نيم آزاد، يا نيم نثريءَ جي نالي ڏيڻ بدران، مان اهوئي جملو ورجائيندس، جيڪو مون ڪيس، سندس اهي تخليقون پڙهي، لکت ۾ ڏنو هو تہ "اها شاعري آهي".

هي شعر مان ڪنهن ڪي ڏيان
جي تنهنجي محبت مون ڪان لکرايا آهن

انهن شعرن ۾ هن، ڪي لفظن جا موتي پوئيا آهن، اهي هن لاءِ تسبيح جي داڻن وانگر آهن ۽ هوءَ انهن جو ورد ڪندي ٿي رهي.

شاعر حساس ٿيندا آهن، عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾، پر "اختر" ڪجهہ وڌيڪ ئي حساس آهي! انهيءَ حساسيت ئي هن ڪي دل جي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماري ڏني- ۽ هيءَ شاعري ڏني- ۽ هن پنهنجي دل جو درد سٽن ۾
اوتي ڇڏيو:

چوٽ دل تي ڪا اهڙي لڳي
وسارڻ چاهيم پر مون کان وسري نہ سگهي

جيئن درد سٽن ۾ اوتجي وجي ٿو، تيئن انهن سٽنکي پڙهندي لڳندو آهي تہ اهو درد سٽن مان ڇاڻ ڇُلڪي پوندو! شايد اسان ۾ هڪ شاعر ۾ ۽ ان جي ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ ۾، اهو "درد" ئي هڪ مشترڪ رشتو آهي، جيڪي اسان کي جوڙي رکي ٿو، ٽٽڻ نہ ٿو ڏئي، ڀڄڻ ڀرڻ نہ ٿو ڏئي ۽ ائين ئي اسين زندگيءَ ڏانهن موٽي ٿا اچون:

هر ماڻهوءَ جي دل آهي پياري
اُن جو رنج ڪٽي "اختر" گنهگار نہ ٿيو!

اهي سٽون "گهنگار" جي پنجن سٽن جون آخري سٽون آهن. ڇا سچي دنيا جي امن ۽ آشتيءَ لاءِ اهي بہ سٽون ڪافي نہ آهن؟! ۽ ائين ئي هڪ شاعر جي ذات - منهنجي، تنهنجي، اسان جي ذات تائين، بلڪ دنيا ۽ ڪائنات تائين پکڙجي ٿي وڃي.

**امداد حسيني**

ڄامشورو، سنڌ

10-6-03

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ستن رنگن جو رنگ رنگوليون

اسان جي راڄ ۾ شادي هئي. مگڻهارڻين ڳاچ پئي ڳاتا- مان اسٽيج تان گهورون گهوري- ڏيپ ڏيئي هيٺ لٿس تہ ادي اختر شاهہ هميشہ جيان اچي وڏا ياڪر پائي ملي ۽ اتيئي هڪڙو ويڙهيل سيڙهيل ڪاغذ کوليندي چيائين: پاپي! مون شاعري ڪئي آهي. ڏسو / ٻڌو الاءِ اها شاعري آهي بہ يا نہ"! ۽ هن اتيئي بيٺي بيٺي پنهنجا نظم ٻڌايا ۽ مگڻهارڻين جا ڳاچ پس منظر ۾ ٻڌي ويا ۽ منهنجن ڪنن ۾ هن جي اها سٽ ٻُرندي رهي:

"اکين ڪي بس رئڻ جو بهانو کپي ٿو!"

۽ سندس ڪافيءَ جو ٿل:

"سرتيون سُورن ڪيا آهن مون تي ستم
ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي ڪيو قهر قلم!"

منهنجي دل تي رقم ٿي ويو. جيو مانس اسان جي گهر اچ ڇام شوري- اتي آرام سان تنهنجي شاعري ويهي ٻڌنداسين ۽ پوءِ ... "مون پنهنجي ڏيرياڻيءَ جي پاسي ۾ ويهندي چيو هو- ٻر هوءَ ايتري اتاولي هئي جو هن پڙ تي ڇاڻ تي چاهيو: "پر اها شاعري آهي يا نہ؟"

جيو مانس: "اها شاعري آهي". پر هوءَ بار بار بي اعتباريءَ مان اهوئي سوال ڪندي رهي ۽ چوندي رهي: "سچي ٻڌايو اها شاعري آهي يا نہ؟ نہ — پاپي سحر. توهين رڳو منهنجي دل رکڻ لاءِ ائين پيا چئو!" ۽ مون بار بار هن کي ساڳيو جواب پئي ڏنو. پر پوءِ بہ هن کي اطمينان نہ پئي ٿيو.

هڪ ڀاڪ منجهند اوچتو پنهنجي شاعريءَ جي ڊائريءَ سوڊو "اختر" آئي. ان ڏينهن هن ڏاڍي اُستاهہ مان پنهنجا نظم ٻڌائڻ شروع


Scanned with CamScanner

ڪيا. نظمن سان گڏوگڏ هوءَ پنهنجا جذبا /ڪيفيتون ۽ سمورا احساس اسان سان اوريندي وئي- مان ۽ امداد ڏاڍي ڏيرج ۽ ڌيان سان هن کي ٻڌندا رهياسين- ڪٿي ڪٿي وچ ۾ ڪٿي اسان کو نقطو ٿي ڏنو، ۽ هوءَ مسلسل شام تائين پنهنجي شاعري ٻڌائيندي رهي.شاعري جذبي جو جولان آهي ۽ بلاشبہ اهو جذبي جو جولان "اختر" وٽ آهي. شاعري لاءِ "خيال شاعراڻو" هجڻ ضروري آهي. شاعري محض قافيہ پيمائي جو نالو ناهي. اهي مختلف ۽ اڇُهيا احساس ۽ خيال (شاعراڻا خيال) اڻيل آهن اختر جي شاعري ۾:

نانگ مان زهر ڪڍي سگهجي ٿو
انسان مان زهر ڪڍڻ مشڪل آ!

جنهن گس تي توکي وڃڻو ناهي
کوهہ ڪرين تنهن گس جي پچار!

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي ڏير شبير هاتف پنهنجي نئين نهيل ڊرائنگ روم جي "وارمنگ پارٽي" هڪ مشاعري جي صورت ۾ رکي هئي- جنهن جي سموري ذميواري هن منهنجي ۽ امداد جي حوالي ڪئي هئي ۽ اسان شاعرن جي لسٽ فائنل ڪري دعوتون پڻ ڏيئي چڪا هئاسين. تڏهن ئي اوچتو مشاعري کان ٿي ڏينهن اڳ مون نورالهديٰ شاهہ وٽ اعلان ڪيو تہ هن مشاعري ۾ پنهنجي راڄ جي هڪ شاعره جو اضافو ٿيو آهي ۽ اها شاعره آهي: "اختر افروز شاهہ". سو مون "اختر" کي ان مشاعري ۾ پنهنجي شاعري پڙهڻ لاءِ تيار ڪيو- ۽ ان لاءِ ڪيس بہ نظم چوندي ڏنم- پر ان سان گڏ هن کي پنهنجي بيحد سُريلي "ڪافي" سُر سان پڙهڻ لاءِ پڻ آماده ڪيم. سوز ۽ سُر سان پُر اها ڪافي "اختر" ان مشاعري ۾ پڙهي ۽ ڀرپور داد ماڻيائين:

سرتيون سُورن ڪيا آهن مون تي ستم
ڏکنهن جو ڏوهہ ڪونهي ڪيو قهر قلم


Scanned with CamScanner

هن جيئڻ کان ته مَرڪَ مرڻ
ناهي طاقت تن ۾ وري سختيون سهڻ

انهن پورن ۾ اتر پل پل پچڻ
ناهي ناسُور منهنجي جو ڪو اهڙو مَلم!

جڏهن سُور ناسور بڻجي وڃن، جڏهن دلين ۾ ڪوٽ هجي، جڏهن پنهنجا پراوا ٿي وڃن تڏهن هوءَ بي اختيار چئي ٿي:

"ڪهڙي ڪهڙي رشتي جو تون ماتم ڪندئين!"

جڏهن انسان ڦري حيوان ٿي وڃن، جڏهن پنهنجا شهر به اوپرا ٿي وڃن ۽ ماڻهو ڄاتل سڃاتل گهٽين مان هڪ اڻ ڄاتل اجنبي وانگر، گولين جي ڊپ کان ڏڪندو گذري، تڏهن شاعر انهن ئي گهٽين ۾ ڪيڏندي گذاريل پنهنجي ان ننڍپڻ جي ڪلپنا ئي ڪري سگهي ٿو. جڏهن هن مينهن وسڻ کان پوءِ مينهن وسارڙا ٿي ڳوليا ۽ تڏهن زندگي هن لاءِ "ستن رنگن جو رنگ رنگوليون" هئي. هڪ شاعر زندگيءَ جي انيڪ اڻ پورن سپنن کي پورو ڏسڻ جي خواهش ڪري ٿو ۽ ان لاءِ هو هڪ "تون" تلاشي ٿو ۽ پوءِ ان لاءِ هو پنهنجي شاعريءَ جي نيل - گگن تي چنڊ ۽ تارا اُڀاري ٿو:

"جهڙو سهڻو سات تنهنجو
تهڙو سهڻو تون
پيا لڳن تا تارا مون کي
چنڊ آهين تون!"

جيئن چنڊ پنهنجي منڊ ۾ هر عمر جي ماڻهوءَ کي منڊيندو آهي- تيئن ئي شاعري پنهنجي منڊ ۾ منڊي سگهي ٿي: ڪڏهن به، ڪيئن به، ڪٿي به! عام طور، سان جنهن عمر ۾ شاعري ماڻهن کي ڇڏي ويندي آهي، "اختر" وٽ ان عمر ۾ شاعري آئي آهي ۽ نه رڳو آئي آهي، پر ايڏي جوش ۽ جولان سان آئي آهي جو جنوريءَ کان جون تائين جي عرصي ۾ هن هي پورو بياض لکي تيار ڪيو آهي- مون کي ته اهو معجزو ئي لڳي


Scanned with CamScanner

ٿو. ۽ هن جيئن خود چيو: ڪڏهن رات جو آڌيءَ جو نظم مونکي ننڊ مان اٿاريندو آهي تہ: "لِکُ! ۽ آءُ لائيٽ ٻاري لکڻ ويهندي آهيان- نيٺ سهي سهي منهنجو سيد (ٻائو علي گوهر شاهہ) اچي بيزار ٿيو- چئي: "ڪوهہ ٿي اسان جون ننڊون ڦٽائين!" ان ڪري هاڻ مون ڪاپي ۽ قلم رنڌڻي ۾ رکي ڇڏيو آهي- سار ٿيندي آهي. شعر جڙندو آهي تہ اٿي ويندي آهيان- رنڌڻي جي لائيٽ ٻاري اتي ويهي لکندي آهيان". تنهن تي امداد مذاق ۾ جملو چيو هو: تہ پوءِ عنوان رکنداسين: رنڌڻي ۾ لکيل شاعري!" اهي تہ مڙئي اهي ڳالهيون هيون جن لاءِ تنوير عباسي چيو آهي تہ:

"هلڪين ڳالهين ساڻ دلين جا بار جهڪا ٿي ويندا".

چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ: شاعري "اختر" جون ننڊون ئي ڦٽائي ڇڏيون آهن. هوءَ جا هڪ عام گهرو عورت آهي. محض پنج درجا پڙهيل هڪ پردي دار عورت. هڪ اهڙي عورت جيڪا ماٺهن ليکي ڪجهہ سوچي ۽ محسوس ڪري نٿي سگهي- جنهن جي احساسن جي اظهار لاءِ ڪو آئوٽ ليٽ ناهي. اها سراپا سُور عورت- جنهن جا غم ائين آهن "جيئن پڙ ۾ عَلَم!" ۽ اختر ان عَلَم کي پنهنجو قلم بڻايو آهي ۽ اختر جي شاعري ان عورت جو استعارو بڻجي وئي آهي- ۽ ائين شاعري هن لاءِ جيئڻ جو بهانو بڻجي وئي آهي- زندگيءَ جي "مڌم لات" تي دل جو ڇيڙيل ڪو "سرگم":

دل ڇيڙ خوشيءَ جو ڪو سرگم
هاڻ تہ زندگيءَ جي لاٽ بہ ٿيندي وڃي مڌم مڌم!

**سحر امداد**

چانڊڪا شوري سنڌ

15-7-2003

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## رب کان گھر

بندا توکي ڇا ڏيندا جيڪي گهرڻو اٿئي اهو پنهنجي رب کان گھر
خدا تي ڀروسو رکي تون هلندي وڃ هلندي وڃ
خدا توکي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪندو اها تون اميد ڪر
بندو خدا کي ڏاڍو پيارو آهي اهو تون "اختر" يقين ڪر

## زندگي خواب آهي

دنيا ۾ هت سڀ شيءِ پرائي اٿئي
زندگي خواب آهي سا ڏسي تون هليو ويندين
اعمال هتان کڻي تون هلندين سي سڀ پنهنجا اٿئي
اتي نہ مال نہ اولاد توکي ڇڏائيندائي
دنيا ۾ ڪو اهڙو نيڪ ڪم ڪر جو ات ڪم ايندئي
مون تہ ڪجھ بہ نہ ڪيو آهي اختر آئون ڇاتي مرڪندس!

Scanned with CamScanner

# اداس پکي

شام مهل هڪ اداس پکي هو
ولر کان شايد وڇڙي ويٺو هو
دل کي هر هر دلاسو ڏيندو رهيو
ولر مان ڪو منهنجي ضرور سارَ لهندو
رات گذرندي رهي هو واٽ نهاريندو رهيو
دل کي ان وقت ڏاڍي مايوسي ٿي
کير به ته نه موٽي وريو هو
"اختر" اڄ خبر پيس ان ولر ۾ ڪير به ان جو نه هو!

# ڪاش!

ڪاش مان هڪ پيارو گل هجان ها
تنهنجي دل جي باغ منجهه ٽڙان ها
ڪالر ۾ سجي توکي ڏسندي رهان ها
"اختر" منهنجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي هئا
گل وانگر آئون به ڪا خوش نصيب ٿيان ها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# ايڏو درد

اندر ۾ جو ايڏو درد ڀريل اٿئي
اُڏ من جي جا من ۾ لاٽ ٻريل اٿئي
دل ڪيترو ڏک ڪنديئن تون
هٿ پنهنجا بہ سڀ پرايا اٿئي
اي مورک دنيا ڪي نہ اڃا سڃاتو اٿئي
"اختر" هاڻ ماڻهن کي سڃاڻڻ اچايو اٿئي!

# قيامت ڪان پوءِ

هن قيامت ڪان پوءِ ٻي قيامت ڪهڙي ايندي
دل اندر ۾ جو ماتم برپا آهي
دل دردن ۽ صدمن جو دريا آهي
دل آئيني جيان آهي ڀڳي تہ پوءِ جڙندي ناهي
دل جا هر وقت اداس رهندي آهي
هن دل کي "اختر" ڪيئن سمجهايان جا منهنجي وس ۾ ناهي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سليٽ تان مِٽيل لفظ

مان آهيان ۽ منهنجي اداسي آهي
سليٽ تان جيئن لفظ مٽجي وڃن ائين خوشي مٽجي وئي آهي
خوشي ڪا بازار مان ملڻ واري تہ ناهي
مان اِن اميد تي شايد زنده آهيان
تہ خوشي منهنجي اڱڻ تي ضرور ايندي
پر لڳي ٿو "اختر" تہ اها سڄي تنهنجي خام خيالي آهي

# هر ماڻهو

دنيا ۾ رهڻ مشڪل لڳي ٿو
هر ماڻهو تنهنجي سمجھ کان مٿي لڳي ٿو
ڪنهنجو ڪنهنجو ڏک ڪنديئن اي دل
دل کي پريشان ڪرڻ مان ڪو فائدو لڳي ٿو
هت جيئڻ ائين آهي جڻ دل سان فريب لڳي ٿو
"اختر" لڳي ٿو تہ اثر نہ دوا ۾ آهي نہ دعا ۾ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# رُئڻ جو بهانو

اکين کي بس رئڻ جو بهانو کپي ٿو
رُئڻ کو منهنجي پنهنجي وس ۾ لڳي ٿو
ڪهڙي ڏوهہ جي سزا هو بي سبب ڏئي ٿو
اکين کي بس رئڻ جو بهانو کپي ٿو
پنهنجو درد اندر ۾ لڪائيندي وتان ٿي
ٻين جا سور ٻڌي پنهنجا سور بہ انهن سان گڏرئان ٿي
اکين کي بس رئڻ جو بهانو کپي ٿو
هي ڪو بي درد زمانو لڳي ٿو
هيءَ دنيا "اختر" فريب جو ٻيو نالو لڳي ٿو
اکين کي بس رئڻ جو بهانو کپي ٿو!

# هيءَ دنيا

هيءَ دنيا بہ ڪا دنيا آهي
هتي گناهہ جي نہ ثواب جي خبر آهي
هر طرف ڏس تہ ناچ گانو آهي
بي حيائي ايڏي وڌي وئي آهي
نہ ننڍي سان پيار نہ وڏي جو ڪو ادب رهيو آهي
هاڻ هتي قيامت جو ڪو دور آهي
"اختر" تنهنجي دل هر وقت ان تي ڇو ڏڪندي آهي
پر مايوسي ڪفر جي نشاني آهي

Scanned with CamScanner

# دل جي آئيني تان

دل جي آئيني تي جا تنهنجي تصوير هوندي هئي
سا اوچتي دل تان الائي ڪڏهن مِٽجي وئي
حيرانيءَ ۾ رهجي ويس تہ هي ڇا ٿي ويو!
اها تصوير هميشہ دل ۾ رهڻ واري هئي
"اختر" توکي تہ ڪڏهن بہ خبر ئي نہ پئي
ڪيئن تنهنجي دل جي آئيني تان غائب ٿي وئي هئي!

# مڪر ڪرين ٿو!

قلب ايڏو بہ شل ڪارو نہ ٿئي
پنهنجي بيمار جي ڪير خبر نہ وٺي
هو تڙپندو پيارن کي پڪاريندو رهي
اي انسان ايڏو ظالم ڇو ٿيئن ٿو
جو هر احساس تنهنجي دل مان مري وڃي ٿو
ان جي مرڻ ڪانپوءِ ماتم ائين ڪرين ٿو
ماڻهن کي ڏسي رئڻ جو مڪر خوب ڪرين ٿو
اهڙو حال ڏسي "اختر" مون کي خوف ٿئي ٿو!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# خوبصورت ڪائنات

انسان دنيا مان ايڏو ڇو بيزار آهي
هيءَ ته خدا جي خوبصورت ڪائنات آهي
جا ڏاڍي پياري جا ڏاڍي سهڻي آهي
جا خدا پنهنجي هٿن سان جوڙي آهي
جنهن ۾ سمنڊ جَبل صحرا آهي
جنهن ۾ باغ باغيچا گل گلزار آهي
اها خدا جي عظمت جي ڇڻ انتها آهي
"اختر" انسان پوءِ به بي صبرو ناشڪرو آهي
ان کي هر وقت خدا سان شڪوو رهندو آهي!

# پنهنجي اکين جيان

بادل جڏهن روئي روئي ٿڪجي پوندو آهي
پنهنجي اکين جيان مونکي لڳندو آهي
هو ته هر هر روئي هانءُ هلڪو ڪندو آهي
مون جيان "اختر" هو ڪو بيوس ته نه آهي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# لوئي نه لڄائج!

گهر جي عزت گهر ۾ رکج
ٻئي جي دوکي ۾ اچي گهر تون نه ڇڏج
اکيون اکين سان ائين نه ملائج
عشق کي پرکي پوءِ دل لڳائج
دل جي راند دل ۾ رچائج
اباڻن جي تون ڪڏهن لوئي نه لڄائج
مرم تون پنهنجو ڪڏهن به نه مارج
"اختر" لوڪ متان تون پاڻ تان ڪلائج!

# سُهڻو خواب

منهنجي پلڪن ۾ تون جڏهن لڪين ٿو
مون کي تون سهڻو خواب لڳين ٿو
ڪڏهن گلاب ڪڏهن موتئي جيان لڳين ٿو
ڪڏهن من ته ڪڏهن منٺار لڳين ٿو
ڪڏهن تارا ڪڏهن چنڊ لڳين ٿو
ڪڏهن "اختر" دل ته ڪڏهن دلدار لڳين ٿو!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون خواب منهنجو

تون آهين پيار منهنجو تون آهين پيار منهنجو
تارن ۾ جيئن چنڊ اپري ائين تون خواب منهنجو
بادل ۾ جيئن برسات تئي ائين تون بادل منهنجو
خوشبو جيئن اٿي ٿي گلن ۾ ائين تون گل منهنجو
دريا سان جيئن هلي ٿو ڪنارو ائين تون ڪنارو منهنجو
تقدير ۾ جيئن ڀاڳ آهي ائين تون ڀاڳ منهنجو
خوش نصيب مان "اختر" ائين تون نصيب منهنجو!

# پئسي جو دور

اڄ يارو پئسي وارن جو دور آهي
پئسي ڪانسواءِ ٻي ڪا وات وائي ناهي
تون سان مون سان ڪير ڳڏ ناهي آهي
هر ڪو پئسي وارن جي پٺيان آهي
اهي ماڻهو مون کي چريا لڳندا آهن
ڇڻ پئسي وارن جا وڏا خير خواهه آهن
يار پئسي وارن جا اصول ئي عجيب آهن
پنهنجي لاءِ ٻيا "اختر" تنهنجي لاءِ ٻيا آهن!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماڻهو کو خناس

هر ماڻهو کو خناس لڳي ٿو
جيئن گندگيءَ جو کو ڍير لڳي ٿو
مرده جانورن جي جيئن کا ڏپ لڳي ٿو
ڄڻ پلي مڇيءَ جي کا مارڪيٽ لڳي ٿو
ڏپ سونگهي هر ڪنهن جو ساهه گهٽجي ٿو
اهڙي حال ۾ پلا "اختر"
کو سک جو ساهه ڪٽي سگهي ٿو!

# پيرن ۾ لِڦون اٿم

اکين ۾ تک پيرن ۾ لڦون اٿم
ان آس تي هلندي وڃان وڌندِي وڃان
من کا ڪتي وڻ جي ڇانوَ ملير
تان جو مٿان اچي رات اونداهي ٿير
پري کان هڪ ڏيئو ٽمٽمائيندي ڏٺم
خوشيءَ وڃان جو ويجهو وڃي ڏٺم
ات وڃي جا ڏاڍي مايوسي ٿيم
جڏهن "اختر" ڪڙ ڪبيتي جي جا ات روشني ڏٺم

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# زهر جو ڍُڪِ

زهر جو ڍڪ روز پيئان ٿي
امرت نہ مون کي ڪنهن پيارو آهي
سوريءَ تي مون کي هر روز چڙهڻو آهي
ڇا اها سزا منهنجي ڪو معاف ڪرائي سگهي ٿو
منصور هڪ دفعو سوريءَ تي چڙهيو مان روز چڙهان ٿي
سقراط هڪ دفعو وِهُ پيتو هو مان روز پيئان ٿي
"اختر" اهائي زندگيءَ جي ساگر ڏارا آهي
ان مان توکي ٿي روز گذرڻو آهي!

# سياست: اڳي / هاڻ!

سياست نہ هجان سڀ ڪنهن تي جهڙو بار هجان
ڪڏهن ڪنهن جي در تي ڪڏهن ڪنهن جي درتي تي هجان
سڀ ڪو ائين پيو ڊوڙائي ڄڻ ڪو ننڍڙڪو ٻار هجان
هر گهر ۾ ائين ڄڻ ڪو ميدان جنگ هجان
ياءُ ياءُ ڪان يار يار ڪان جدا ڪندي هجان
ڪڏهن ليڊرن جي ڊرائنگ رومن ۾ ٿي هجان
ڪڏهن هوٽلن ۾ ڪڏهن دڪانن ۾ ڪڏهن بازار ۾ ٿي هجان
مون ڪنهن کي ستايو تہ ڪنهن کي رنجايو تہ ڪڏهن ڪنهن کي خوش ڪندي هجان
ڪڏهن ڪنهن کي مون سان پيار تہ ڪڏهن ٽڪن جو ٽانو ٿي هجان
اڳي شريفن وٽ رهندي هئس هاڻ جڻ لڳي ٿو تہ چڪلي ۾ ٿي رهاڻ

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُچ - رُچ

سُچ رُچ موت سپ واڪا ڪندو ٿو اچئي
مڪر ڪوڙ فريب سپ ڊوڙندو ٿو اچئي
اي غافل انسان آخرت اجها ٿي اچئي
اڄ تون زمين جي مٿان آهين
سڀاڻي زمين تنهنجي مٿان ايندي
پنهنجي اعمالن ڏانهن به ڪجهه ڌيان ڪر
قبر پنهنجي ڏانهن به تون نظر ڪر
"اختر" توکي يقين آهي ته جنت تو وٽ ئي پئي اچي!

# جيئڻ - جبر

زندگي آهي يا روز هڪ تجربو آهي
اکين ۾ پلي لڙڪ هجن پر چپن کي مسڪرائڻو پوندو آهي
پوءِ ته دل پنهنجو پاڻ تي رحم ڪرڻ چاهيندي آهي
زندگيءَ ۾ هڪ پريشاني ختم ته ٻي جنم وٺندي آهي
زندگي کي گذارڻ هن دنيا ۾ ڪو سولو نه آهي
"اختر" دل تي جبر ڪري به هتي جيئڻو پوندو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# دل پٿر تہ نہ آهي!

چو ڪنهن مان اميدون رکين ٿي
دل ڀڄڻ کان پوءِ ويهي روئين ٿي
دل پٿر تہ نہ آهي جو ان کي ٺوڪر هڻين ٿي
اميدون الله ۾ رکبيون آهن "اختر"
ماڻهن مان ڇو تون اميدون رکين ٿي!

# خطا جو پُتلو

انسان هت هر وقت خطاِ جو پُتلو آهي
هتي معاف ڪرڻ انسان جو شيوو نہ آهي
بندي کان ڪا خطا نہ ٿئي
اهو بندي لاءِ ڪو ممڪن آهي
نادان سمجهن ٿا تہ هو ڪو پيو خدا ٿئي
عجيب "اختر" هي دنيا جو ماڻهو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منهنجا پنهنجا

جيڪي منهنجا پنهنجا سڀ سڏجن ٿا
هر وقت دل تي ڇريون وهائين ٿا
ڇڻ گهاٽي ۾ مون کي پيڙهين ٿا
محبت جو ڇا هت اهوئي صلو ملي ٿو
شڪ آهي تہ هي بہ ڪي منهنجا ٿي سگهن ٿا
منهنجي صبر جو "اختر" ڇو روز امتحان وٺن ٿا؟

# شعرن جو ورد!

هي شعر مان ڪنهن کي ڪيئن ڏيان
جي تنهنجي محبت مون کان لکرايا آهن
هنن گيتن ۾ توکي روز ڳايان ٿي
هر لفظ ۾ جي موتي مون پوئيا آهن
"اختر" منهنجي لاءِ ڇڻ تسبيح داڻا آهن
دل هر وقت انهن شعرن جو ورد ڪندي آهي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گونگو پوڙو آنڌو!

دنيا ۾ رهڻو آهي ته گونگو پوڙو آنڌو ٿي
سچ چوڻو آهي ته ڪنهن جو مالڪ نه ٿي
حق وٺڻو آهي ته برادريءَ مان ٻاهر ٿي
نوڪري ڪرڻي آهي ته پوءِ ڳالهه جي لاءِ آهي
پئسو ڪمائڻ ته پوءِ ڌوکو ڪرڻ ضروري آهي
پيار ڪري "اختر" پوءِ پڇتائڻو به آهي

# شيشي وانگر

پٿرن ڪاڻ آهي ڦٽي ٿو
شيشي وانگر پرزا پرزا ٿئي ٿو
اهڙو ايرچ ۾ رهڻي وڃڻ ٿو
ڪاڻ "اختر" اهي به ڪو ٿي سگهي ٿو
ڇاڻ پٿرن جي به ڪو جي سگهي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪنهن جو ڏک ونڊي

خوشيون ونڊڻ وارو تہ سڀ ڪو آهي
ڪنهن جو ڏک ونڊي اهوئي تہ انسان آهي
هيءَ دنيا تہ وهي وهاڻي پئي آهي
ڪنهن جي ڏکي سک ۾ شريڪ تہ ٿي ڏس
دل کي ڪيڏو نہ سڪون ملندو آهي
"اختر" اهوئي تہ سچي خوشيءَ جو احساس آهي

# ڪٿڻ هارائڻ

هي زمانو ڄڻ درسگاهہ آهي
زندگي ڄڻ هڪ سبق آهي
جيڪو هن سبق کي پڙهي ويو آهي
زندگي اهوئي تہ دنيا ۾ ڪٿي ويو آهي
ڪٿڻ هارائڻ "اختر" تنهنجو نصيب آهي!

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# رنگ برنگي چرخو

هيءَ دنيا رنگ برنگي چرخو آهي
ڪڏهن تو وٽ ڪڏهن مون وٽ آهي
هن چرخي ۾ سٺ وانگر ڪتجون ٿا
هر وقت اهو تماشو ڏسون ٿا
ڊِگ ڊِگيءَ تي پُتلين جيان نچون ٿا
اهوئي ته "اختر" زندگيءَ جو چرخو آهي

# ڏونگر ڏورڻ

دل کي جيئڻ لاءِ هڪ دلاسو ڪافي آهي
ڪڏهن دل کي خوشي ملندي اها آس ڪافي آهي
ان آس کي ڪٽي دل ۾ منزل ڏانهن وڌندي وڃان
ڪنهن جي نظر ۾ چري آهيان ڪنهن جي نظر ۾ پاڳل آهيان
منزل جي شل آس نہ منهنجي دل مان ٽٽي
ان شوق ۾ آئون ڏونگر ڏوريندي وڃان
اهو خواب نہ پر حقيقت ٿي سامهون اچي
پنهونءَ کي "اختر" آئون شل ڳولهي لهان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قاتلن جو بسيرو

جندڙي هل تہ هتان هلون
جو نہ هيءَ دنيا پاڻ ڇڏيون
هت بيدردن جي ڪا دنيا آهي
محبت جتي باقي نہ رهي آهي
جتي قاتلن جو بسيرو آهي
جتي نمازين کي مارڻ ثواب آهي
هت هر ڪو ماڻهو ٻئي جو ماس کائيندو آهي
هاڻ تہ هر ڳالهہ برداشت کان ٻاهر ٿي وئي آهي
هت هاڻ تنهنجو باقي ڇا رهيو آهي
هاڻ اهڙن جانورن ۾ "اختر" رهڻ اجايو آهي!

# ظرف هميشہ زندهہ رک!

ڪم ظرف کان تون ڪا اميد نہ رک
تون پنهنجو ظرف هميشہ زندهہ رک
هو پلي ڪوڙ ڳالهائيندو رهي
تون سچ پنهنجي هٽان نہ ڇڏ
هو الزام هڻندو رهي "اختر"
تون پنهنجيءَ ثابت قدميءَ تي قائم رهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# ڏوراپو

ازل کان اڳيئي ائين ٿي لکيل هو
تون نه ڏي ڏوراپو نصيبن کي
ڀاڳن وارا الائي ڪهڙا هوندا
ڪهڙو ڏوهه ڏبو تقدير کي
اڃا الائي ڇا ڇا ڏسڻو آهي توکي
پنهنجن نصيبن کي ڪو بدلائي سگهي ٿو
خدا کان "اختر" اها دعا گهري اٿم
نه ڏيکاري زندگيءَ ۾ هاڻ ڪو ڏک مون کي

# دعا

جان چوانس يا جگر چوانس
يا مشڪ علي چوانس
يا علي جي خوشبو چوانس
مولا جو وڏو حيدار ٿيندو
انشاءَ الله اهڙو نيڪ بخت ٿيندو
پنهنجي پنهونءَ جي ڇا تعريف ڪريان
پهرئين جنم سال تي دل سان دعا ٿي ڏيانس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مايا - ڄار

ياري دوستي مائٽي ختم ٿي وئي آهي
پئسي جي پئسي سان دوستي آهي
ان مايا جي ڄار ۾ هر ڪو ڦاسي پيو آهي
اکين تي ڄڻ انڌ جو پردو چڙهي ويو آهي
محبت ڪي ڪا اُڌوهي ڄڻ ڪائي وئي آهي
دلين ۾ ايڏي ڪا سوڙهه ٿي وئي آهي
نه تون خوش آهين نه مان خوش آهيان
پوءِ به انهن اڙانگن رستن تي هلي رهيا آهيون
هر ڪو پنهنجو پاڻ کان ٿو سوال ڪري "اختر"
ڪير ته ٻڌائي ته هن مايا جي ڄار مان ڪيئن نڪرڻو آهي؟

# خوش فهمي

عورت لاءِ دنيا ۾ ڪو گهر نه آهي
خوش فهميءَ ۾ آهي ته هر گهر منهنجو آهي
ءُ گهر لاءِ قرباني ڏيڻ ڄڻ ان جو ئي فرض آهي
ڪيڏي نه ناسمجهه ءُ نادان آهي
هت توسان ڪنهن ڪي ڪو مطلب نه آهي "اختر"
تو سان ته هر ڪنهن ڪي فقط غرض جو رشتو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# زندگيءَ جو ڏيئو

خوشي کھڙي غم کھڙو هر احساس ختم ٿي ويو آهي
دنيا وارن جي دولابن مون کان هر خوشي کسي ورتي آهي
ڪوڙي دلاسي تي ڪيترو جيئندس مان
ڪوبہ سهارو منهنجي لاءِ دنيا ۾ نہ رهيو آهي
مان ڇا ٿي چاهيان مون کان اهو بہ وسري ويو آهي
اهڙي زندگيءَ جو ڏيئو اجهامي وڃي تہ "اختر" ڇڱو آهي!

# سورن جي لولي!

نصيب جو قلم اڳيئي وهي چڪو هو
سورن جي ڪا مون کي لولي ملي هئي
ننڍپڻ جو مون ڏکن ۾ گهاريو هو
وڏي ٿي سک منهنجا ساٿي ٿيندا
اهو بہ شايد تقدير ۾ لکيل نہ هو
ازل کان "اختر" تنهنجي نصيب ۾
لکجي چڪي هئي سورن جي لولي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اهو ڊائلاگ

مون کي تو سان ڏاڍو پيار آهي
اهو ڊائلاگ هر ڪو چوندو آهي
نہ تون مجنون آهين نہ مان ليليٰ آهيان
پيار تہ هت عبادت ۽پاڪيزه رشتو آهي
جو روح کي روح سان دل کي دل سان هوندو آهي
جو نہ توکي مون سان آهي نہ مون کي توسان آهي
توکي پيار آهي تہ فقط جسم سان آهي
پوءِ پيار جو هي ڪوڙو ناٽڪ "اختر" ڇا جو آهي؟

# ڪجي تہ ڇا ڪجي!

دل ڪٽي تي وئي آهي ڪجي تہ ڇا ڪجي!
پيار منهنجو مون کان رسي ويو آهي ڪجي تہ ڇا ڪجي!
هاڻ يار کي پرچائڻ لاءِ ڪجي تہ ڇا ڪجي!
زندگيءَ جي امنگ ختم تي وئي آهي ڪجي تہ ڇا ڪجي!
زندھ رهڻ جو ڪو ڪارڻ نہ رهيو آهي "اختر" ڪجي تہ ڇا ڪجي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪير ان ڪان سڪي

زخم ڏئي وري ان کي ڪوٺڻ ڪير ان ڪان سڪي!
زندگيءَ جون خوشيون ڪسجن. ڪ س؟ ڪير ان ڪان سڪي!
ٻئي جي ٻي وسيءَ تي تنهنجي ڪيس دٻا آهن ڪير ان ڪان سڪي!
اها به محبوب جي ادا اهي ڪير ان ڪان سڪي!
بي موت يار ڪيئن تو ماري "اختر" ڪير ان ڪان سڪي!

# بي سبب - بي خطا

دشمني ائين رکي اٿن جو نهارين به نه ٿا
سڄڻ اهڙو وير وڌو جو مون ڪان ڏور ٿي ويا
ڪڏهن هو منهنجي دل جي قريب رهندا هئا
اڄ مون کي ڏسي منهن نفرت مان جو ڦيرائين ٿا
هو بي سبب بي خطا مون کي جو ستائين ٿا
ڪير ٻڌائي "اختر" پرين مون سان ڪڏهن پرچندا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جيڪي لفظ

جيڪي لفظ مون توکي چوڻ چاهيا سي رهجي ويا
دل جا ارمان دل ۾ رهجي ويا
مون ڪڏهن به نه سوچيو هو ته ائين ٿيندو
هي ظالم رسمون رواج سڀ دشمن ٿي ويا
هي حاسدي ماڻهو نه ڪنهنجو پيار ڏسي سگهن ٿا
هي بي رحم دليون توڙي "اختر" ٽوڙي ڇڏين ٿا

# اندر جو ڪار

سان اندر جو ليڙو ڪارو آهي
هر ڪنهن سان کلي ڳالهائيندو آهي
تون ان کي ڪڏهن به سچ نه ڄاڻ
پوءِ به دل ۾ ڏنگ رکندو آهي
ماڻهن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي
اکڙن جو ڏک ڪرڻ اجايو آهي
ڏس "اختر" هي ڪو بيدرد زمانو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



## دل جي اندر

اکين ۾ تون ڇپي ته ڏس
دل جي اندر لهي ته ڏس
ان ۾ تو لاءِ ڪهڙا موتي آهن
سي "اختر" جي دل ۾ ڳولهي ته ڏس

## من موتي

من اندر جو موتي آهي
ان تي تون سنڀالي هلندو ڪر
بي درديءَ سان نه ڇپائيندو ڪر
اختر جو ساهه ان موتيءَ ۾ آهي
ان جي آهه نه تون ڪٽندو ڪر!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گنهگار

اي انسانو ايذا ستم ظريف نہ ٿيو
ڪنهن جي دل ڏکوئي ظالم نہ ٿيو
الله جو بہ ڪجهہ خوف ڪريو
هر ماڻهوءَ جي دل آهي پياري
ان جو رنج ڪٿي "اختر" گنهگار نہ ٿيو!

# ترجيان ويراني

من اندر ۾ جا ايڏي اداسي آهي
ترجيان ڇڻ ويراني آهي
آءٌ ڪنهن کي ڇا ٻڌايان "اختر"
خبر نہ آهي هيءَ بيچيني ڇا جي آهي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڌورو سپنو

زندگي هڪ اڌورو سپنو آهي
جنهن کي هر وقت ڳوليندي آهيان
پر اهو تہ دنيا جي فضائن ۾ نہ آهي
ان کي ڪٿي نہ ڳولهيو آهي
اڄ خبر پئي دل جي ويرانين ۾ "اختر" رهندو آهي

# توکي پسان ٿو

هن آڪاش ۾ ستارن ۾
هن بادل ۾ برساتن ۾
توکي پسان ٿي دل جي آئيني ۾
توکي ڏسي ائين خوش ٿيان ٿي
جيئن سمنڊ اُتي ٿو موجن ۾
تون سدائين رهين مون سان ٿو
هن پر فضا بهارن ۾
"اختر" هي خواب ڏسندي رهان
شل من جي اندر ۾!

Scanned with CamScanner



# پيارو ماڻھو

هڪ ماڻھو هو پيارو پيارو
ان کي اسان ڪڏهن بہ نہ سڃاتو
هر روز ان جون يادون ايندِيون آهن
جو هو سڀ ڪنهن سان محبت ڪرڻ وارو
ان کي ڳڙلهيون ڪٽي ڪٽي يارو
هن کي ملي سڀ دعا ڪريو "اختر"
تہ هو هميشہ ٿئي جنت ۾ رهڻ وارو

# اجنبي اجنبي

هڪ شخص ائين ملندو آهي
ڄڻ اجنبي اجنبي لڳندو آهي
جو ڪڏهن هو دوستن وانگر پيارو
هاڻ هو بيگانو بيگانو لڳندو آهي
اهو ساڳيو شخص ڪيئن نہ بدلجي ويو آهي
ان مان پنهنجي ٿيڻ جي اميد نہ رکندي ڪر
"اختر" مون کي وقت ڇو نہ بدلايو آهي
هاڻ تون سمجھ تہ هو پرايو آهي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀروسو

دل ڇو تو همت هاري آهي
سچ ته نيٺ سچ ٿيڻو آهي
ڪوڙ نه گهڻو وقت رهڻ وارو آهي
هيءَ دنيا هڪ سازش جو ڳڙهه آهي
پوءِ به ان ۾ ڪو ڪو ماڻهو سچو هوندو آهي
اي دل ايڏي مايوسي سٺي نه آهي
"اختر خدا تان ڇو تو ڀروسو لاٿو آهي

# عجيب سناٽو

چؤ طرف عجيب سناٽو آهي
خزان ۾ جيئڻ ويرانو آهي
قبرستان وانگر ڄڻ خاموشي آهي
طوفان اچڻ جي هيءَ ڪا نشاني آهي
طوفان کي سهڻ جي نه مون ۾ همت آهي
پل پل مرڻ کان هڪ ڀيرو مرڻ "اختر" بهتر آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سندر سپنن ۾

دل جي سندر سپنن ۾ ذهن جي اوچي اڏامن ۾
هڪ پيارو پيارو ماڻهو رهندو آهي
اهو رشتو ڪيڏو نہ عجيب آهي
ڪيترو بہ دل ڏکوئي پوءِ بہ دل کي وڻندو آهي
ان سان منهنجو اهڙو ڪو ناتو آهي
منهنجي دل ۾ "اختر" پيار بنجي رهندو آهي

## سُور - ناسور

(ڪافي)

سرتيون سورن ڪيا آهن مون تي ستم
ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي ڪيو قهر قلم
هن جيئڻ کان تہ مَرڪِ مرڻ
ناهي طاقت تن ۾ وري سختيون سهڻ
انهن پورن ۾ اٿم پل پل پچڻ
ناهي ناسور منهنجي جو ڪو اهڙو ملم
دردن ڪيو مون کي دلگير آهي
نيڻن وهايو رت نير آهي
هئہ! تقدير ڪيو مون کي مجبور آهي
هي نشان غمن جا جيئن پڙ ۾ عَلَم
"اختر فراق مان هيءُ شعر چيو
جنهن جو حال ڏکن ۾ ضعيف ٿيو
هاڻ ناءُ نڌر ڪو نشان رهيو
هاڻ مولا ڪندو مٿيءَ تي شل پنهنجو ڪرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# نمي ڪمي نهار

زندگي هڪ عجب تماشو آهي
هر ڪو پنهنجو ٻول ٻوليندو آهي
غرور مان ائين ڪنڌ کڻي هلندو آهي
پيو ڪو ان کي ڌرتيءَ تي نظر نہ ايندو آهي
اي نادان انسان ڪجهہ نَمُ ڪجهہ ڪَمُ
"اختر" الله کي غرور پسند ايندو نہ آهي
هي ساهہ اڄ پنهنجو سياڻي پرايو آهي!

# جانيءَ ري جيئڻ!

شل جانيءَ کان پوءِ جدا نہ ٿئي
اکين ۾ رهڻ وارو اکين کان پري نہ ٿئي
ان سان گڏ ڪجهہ گهاريو گهڙيون
اي دل تون وساري نہ سگهنديئن
"اختر" هن کان سواءِ جيئڻ بہ ڪو جيئڻ ٿئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اهو ڪو انسان ناهي!

جو ٻين جو درد محسوس نه ڪري اهو ڪو انسان ناهي
ٻين جي دل ڏکوئي خوش ٿئي آهو ڪو انسان ناهي
مغروريءَ تي فخر ڪري ٿو اهو ڪو انسان ناهي
ڪوڙ ڳالهائي شرمندو نه ٿئي اهو ڪو انسان ناهي
"اختر" شيطان جي روپ ۾ جو انسان هلي ٿو
اهو ڪو انسان ناهي!

# گذريل وقت

آئون ڪو گذريل وقت ته ناهيان
گذري ويس ته ياد رهندو ناهيان
جيئن تون سمجهين ٿو ائين بي وفا ته ناهيان
تو وانگر ڪنهن کي رئاڙيندو ته ناهيان
وسارڻ چاهين پوءِ به توکي ياد ايندو آهيان
پڇتائڻ مان ڪهڙو فائدو "اختر" اڄ جو مان تنهنجو ناهيان


Scanned with CamScanner



# تنهنجو ئي شهر

ڄاتل سڃاتل گهٽين مان ايئن گذرندو آهيان
ڄڻ اڻ ڄاتل اجنبي لڳندو آهيان
هِتان گولي آئي هُتان گولي آئي
ايئن ڊپ مان ڏڪندو ويندو آهيان
آهي ڪو اهڙو انسان جيڪو يقين ڏياري
هي ٻيو نہ پر "اختر" تنهنجو ئي شهر آهي!

# دل کي زخم

منهنجي دل کي زخم ڏئي هو مزو وٺي ٿو
ان جي بي رخي ڏسي صدمو رسي ٿو
اڳيئي ستايل کي تون وري ڇو ستائين ٿو
جتي ٻاهہ اڳيئي ٻري ٿي اتي ڇو ڏنڀ ڏين ٿو
ان جي ڏنين تي بہ "اختر" مون کي پيار اچي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وفا کھڙي!

بي وفا کي کھڙي خبر تہ وفا ڇا آهي
دل لڳي هر ڪنهن سان ڪندو وتي
سمجهي ٿو تہ آئون وفادار آهيان
نازڪ دلين سان ڪيڏو ڪا سٺي ڳالهہ ناهي
پيار جون دعوائون تہ هر ڪو ڪري ٿو
پر ان کي نڀائڻ "اختر" مشڪل آهي

# شڪايت

شڪايت نہ پاڻ کان نہ زماني کان آهي
شڪايت آهي تہ بس تقدير کان آهي
تقدير کي منهنجي خوشين سان ڇو وير آهي
"اختر" تقدير بدلائڻ ڪا تنهنجي وس ۾ آهي
جا شايد ازل کان ائين ئي لکجي چڪي آهي

Scanned with CamScanner



# مطلب جي دنيا

هيءَ ڏاڍي مطلب جي دنيا يارو آهي
مطلب کان سواءِ ڪير نه ڪنهن سان ملندو آهي
هن بي وفا زماني ۾ هر ماڻهو دغاباز لڳندو آهي
هاڻ ته رڳو محبت به مطلب جي وجي رهي آهي
خبر پيم ته بي مطلب به ڪي شخص رهندا آهن
دل سان اڄ مون انهن کي "اختر" سڃاتو آهي

# لوڻ - ٻُرڪ

منهنجي دل جو زخم مس ڇٽي ٿو
توکي شايد ان ۾ لوڻ ٻرڪڻ ۾ مزو اچي ٿو
مون کي تون ڪو وڏو سنگدل ۽ بي وفا لڳين ٿو
توکي سمجهڻ ڪا منهنجي ڀل لڳين ٿو
مون جو توسان ايڏو پيار ڪيو هو
"اختر" ان پيار جي ڪا مون کي سزا لڳين ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# محبت جو سبق

مان توکي ڏسندي رهان
تون مون کي ڏسندو رهہ
ڪجھ محبت جو سبق تون پڙهہ
ڪجھ سبق مان پڙهندي رهان
اهي اکين جا راز آهن عجب
ڪجھ "اختر" تون سمجھہ، ڪجھ آئون سمجھندي رهان

# بيوقوف

آزمايل کي تون وري نہ آزمائي
تون ان جي دوکي ۾ وري نہ اچج
هو تو سان ڪڏهن بہ سچو ناهي
ان جو ظاهر ٻيو ۽ اندر ۾ ٻيو ڪجھ آهي
اهڙن تي اعتبار ڪرڻ بہ اجايو آهي
"اختر" بيوقوف تون آهين يا الائي هو آهي


Scanned with CamScanner



# ساجهه

سا ٿي جڏهن وڇڙندا آهن
دل کي اُڏما ايندا آهن
تو ڪان ڪو ساٿي وڇڙيو ناهي
توکي ڪهڙي خبر ته اهو احساس ڇا آهي
دشمني ائين رکي ٿو مون سان
هر ليکو ايئن اُڪري ويو آهي
لحاظ جو ذرو به ڪو هوندو آهي
توکي "اختر" اها ساجهه به نه رهي آهي!

# اهي نادانيون

هو ننڍپڻ ۾ ان جون سهڻيون ڳالهيون
ڇا ته لاپرواهيون ته نادانيون هيون
نه غم نه فڪر جو ڪو احساس هو
ڪير مري ٿو ڪير جئي ٿو مون کي ڇا
ننڍپڻ جون اسان جون حرڪتون هيون
ڇا ته اهي سهڻا ڏينهن ۾ راتيون هيون
ڇا ته اهي خوشين جون پرڀاتيون هيون
ڪلي ڪلي اهي ڏينهن "اختر" گذاريندا هئاسين
ڇا ته لاپرواهيون ڇا ته نادانيون هيون!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاج محل

پيار جو دل ۾ تو جو تاج محل ٺاهيو هو
تون هر وقت ان جي پوڄا ڪندي هئين
ان کي ڏسي منهنجي دل کي جو صدمو رسيو
ڇا ان تان بہ ڪو رنگ لهي سگهي ٿو!
اهو يقين ڪرڻ "اختر" توکي مشڪل ٿي پيو
دل ۾ تاج محل ڏڙام سان جو ڪري پيو!

# سپنا

سپنا تہ آخر سپنا ٿيندا آهن
جيڪڏهن بہ نہ پورا ٿيندا آهن
اهڙا سپنا ڇو تون ڏسندي آهين
جو اهڙي طرح ٽٽندا آهن
شيشي وانگر ڇيندا آهن
پور پور شيشا ميڙي هٿ ڦٽبا آهن!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# نظرن جا تير

قتل تي قتل ڪندو ٿو وڃين
نظرن جا تير وسائيندو ٿو وڃين
"اختر" جي دل کي پٿر سمجهي
ٺوڪر سان اڏائيندو ٿو وڃين
هوش ڪر هي ڇا ڪندو ٿو وڃين

# آزاد پکي

مان آزاد پکي جيان آهيان
بي وسيءَ مان پڃري ۾ ڦڙڪندو آهيان
پڃري ۾ ڪيترو بند ڪندين تون
ها زور ۽ ظلم سان قيد ڪندين تون
هڪ ڏينهن هن قيد مان اڏري ويندس
محو پرواز ٿي آزاديءَ جو ساهه کڻندس
"اختر" مان آزاد پکي آهيان
مان آزاد پکي هميشہ رهندس!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رنگ رنگوليون

هر طرف جهڙ ڦڙ مينهن ملهاريون
دل کي لڳن ٿيون ڏاڍيون پياريون
ست رنگن جون هي رنگ رنگرليون
دل تي وئي آهي ڄڻ باغ بهاريون
هلو تہ هلي مينهن وساڙا ڳولهيون
برف جا ڳڙا ڪرن ٿا هل تہ ڪٺي ڪائون
مينهن جو پاڻي رستن تي ائين لڳي ٿو
دريا ۾ ڄڻ وهنجڻ جو ڏينهن لڳي ٿو!
وهنجي ڪپڙا پسائي ڊوڙون پايون
مون کي ائين لڳي ٿو "اختر" اسين ننڍڙا ٻار ٿي ويا آهيون

# ڪڏهن...!

ڪڏهن هو پيو رسي
ڪڏهن آئون پئي رسان
ناتو تہ الائي ڪهڙو اٿئون
نہ ان کي ٿي خبر پوي نہ مون کي ٿي پئي
پر لڳي ٿو تہ ڪو سهڻو رشتو اٿئون
نہ ان کي ٿو ياد اچي "اختر" نہ مون کي ٿو اچي!

Scanned with CamScanner

# ماڊرن دور

هتي زندگي ايڏي تيز رفتار آهي
هر طرف ماڊرن دور آهي
هڪ گهر ۾ رهي بہ هڪ ٻئي کان دور آهن
ٻار نوڪرن جي حوالي آهن
سائين يار وري ڪلبن حوالي آهن
نہ بزرگن جي تڪليف جو خيال اٿن
نہ ننڍي جي ڪا سار سنڀال آهي
انهن کي گهر جو نيڪو تہ نہ ڪنيو آهي!
انهن وٽ رواج بہ عجيب آهن
هڪ ٻئي سان ملڻ جو تائير فقط "اختر"
ڊائننگ ٽيبل تي وڃي رهيو آهي!

# يزيد جو ٻيو روپ

هي انسان آهي يا يزيد جو ٻيو روپ آهي
جيئن يزيد کي هو امام حسين سان وير
ائين انسان کي انسان سان وير آهي
انسان حرام تي ائين خوش ٿيندو آهي
ڄڻ تہ سندس ٻابي جو ئي تہ مال آهي
پنهنجن سان ائين حسد رکي ٿو
اندر ۾ انتقام ائين رکي ٿو هر وقت هٿيار ڪٺي گهمي ٿو
ڪنهن کي ماري پنهنجي لاءِ دوزخ وٺي ٿو
هي ڏسو ابن آدم جو اولاد آهي
جو پاڻ کي اشرف المخلوقات سڏائي ٿو
هاڻ انسان مان "اختر" حيوان ٿي ويو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪُوڙي خوشي

مزو هتان ويو ، آيو جو بيدرد زمانو
دلين کي کوٽ آهي ورايو
ماڻهن کان ڇڻ خوشين آهي موڪلايو
ڪوڙين خوشين کي هاڻ ڇا ڪبو
دلين ۾ جا سچي خوشي نہ رهي آهي
ڇا پنهنجو ڇا پرايو "اختر" سڀ هڪ جهڙو آهي

# زهر

نانگ مان زهر ڪڍي سگهجي ٿو
انسان مان زهر ڪڍڻ مشڪل آهي
هت ماڻهو ماڻهو کي هر وقت ڏنگي ٿو
نانگ جيئان ڳولهي بدلو وٺي ٿو
هاڻ تہ هي جوڳين جي دنيا آهي
"اختر" ڪيترن نانگن کان پاڻ کي ڪيئن بچائيندئين!


Scanned with CamScanner

# ظالم واءُ

اهڙو ڪو ظالم واءُ لڳو
توڪي جو اڏائي ڪٿي ويو
آءٌ ڏسندي رهجي ويس
"اختر" ڪو هٿ جي هٽي ويو!

# ڪيڏو ڏور

اماس جي هي ڪاري رات آ
يا ڪو منهنجي لاءِ راڪاس آ
ڪٿان نه ڪٿان ڪا باک ڦٽندي
هاڻ ته اها اميد به ختم ٿي وئي آ
هتي نه ڪٿ وارو زندگي ۾ انڌيرو آ
"اختر" ڪيڏو ڏور صبح سويرو آ

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اهي لمحا

اهي لمحا آءُ ڪيئن وساريان
جو تو سان مون گڏجي گذاريا
ڇا اهي ڏينهن ۽ راتيون هيون
پاڻ ٻئي ڪچهريون ڪندا هئاسون
تون مون کي کلائيندو رهندو هئين
آءُ ٽهڪ ڏئي کلندي هئس
اهي لمحا مون کي ڪير موٽائي ڏئي
تو کان اهي ڏينهن "اختر" ڪيئن وسرندا!

## رشتن جو ماتم

ڪهڙي ڪهڙي رشتي جو تون ماتم ڪندئين
هر رشتي منهنجي دل جا ڏکوئي آهي
آيو ڪو اهڙو دور پنهنجا به اڄ پرايا ٿي ويا
جن کي ڪڏهن گلاب ڪڏهن موتيو ٿي سمجهين
سي سڀ اڄ "اختر" خار ٿي خار ٿي ويا
اهڙي باغ ۾ رهڻ ڇا جو جتي سڀ ٻوٽا سڪي ويا!


Scanned with CamScanner

## عشق جي راند

جان واري واري تو تان گهوريان
منهنجو پيار جو آهي تو سان
عشق جي راند آهي مون رچائي
منهنجي دل ۾ رهين تون سدائين
تنهنجي تصوير اکين ۾ جا مون سمائي
پل پر تو کان ٿئي نہ جدائي
منهنجي ياد جا ايندئي او مٺڙا!
جان "اختر" قربان ڪري تو تان سدائين!

## خوشيءَ جو سرگم

دل ڇيڙ تون خوشيءَ جو ڪو سرگم
هاڻ تہ زندگيءَ جي لاٽ بہ ٽيندي وجي مدّم مدّم
اهڙو ملي ڪو مون کي مخلص همدم
منهنجي اندر مان نڪري خوشي وارو ترنم

Scanned with CamScanner

# هر تار ٽٽي پيو آهي

دل جي تارن کي ڇيڙڻ چاهيان ٿي
پر دل جي هر تار اڳين ٽٽي پئي اهي
ڇڻ ڇپن کي ڇورڻ به وسري ويو آهي
بي آواز آلاپ ڳائي دل وندرايان ٿي
آهي ڪو "اختر" ان بي سرسنگيت کي سمجهي

# سکڻو ڪشڪول

دل جو سکڻو ڪشڪول ڪنيو
ٿواٽي تي ويٺي آهيان
ان فقير جيان جنهن کي
سڄي ڏينهن ۾ ڪجهه نه مليو هجي
صدا هڻدي رهان ٿي آهي ڪو سخي
محبت جا ٻه ٻول هن ڪشڪول ۾ وجهي وڃي
پر منهنجو آواز "اختر"
ڳاڏين جي آواز ۾ دٻجو وڃي!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ربکما تکذبان

دل ۾ تون سدائين رکندئين جڏهن رحمان
آيت الڪرسي پڙهندئين ڀڄندو تو وٽان شيطان
قلف کول دل جو تون قل والله سان
دروازو کلي تو لاءِ ياسين والقران سان
الحمدالله چئو رستا تين تنهنجا سڀ آسان
چئي حمد حبيب نظر ڪري جان تون نهار
"الم" جهڙو نہ تو وٽ سهڻو ڪو ٻيو ڪتاب
چئو تون ربکما تکذبان
خدا جون سڀ نعمتون تين بيان
پڙهه تون درود سلام تئي روشن زمين آسمان
ڀروسو تون ڪر لا الہ الله محمد رسول الله سان
سڪ ۽ اکير رک تون دل ۾ الله سان
رک تون محبت پنجن ٻارهن چوڏهن سان
ڇڏ تون دنيا ڪي محبت رک جنت ۾ وڃڻ سان
چئو سبحان الله "اختر" تہ اچي تنهنجي دل کي آرام!

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان تنهنجي آهيان

خطاوار آهيان يا سزا وار آهيان
جا به آهيان سامان تنهنجي آهيان
پيار ڪرڻ وارو مون جهڙو نه ملندءِ
آءُ منهنجا پرين مون وٽ تون اڏامي
هنجون هاري تنهنجون روز واٽون نهاريان
پيار جا آءُ پرين وري اهي ٻول ٻوليون
ٻراٽيون ڪريون ڪي وري اهي رهاڻيون
آءُ پرين دنيا مان وڃڻ وارو آهيان
سڪرات ۾ به پرينءَ کي پري کان سڃاڻان
عزرائيل کي چيم ترس پرين اچڻ وارو آهي
پيارُ تنهنجي ۾ "اختر" چري مان روز آهيان

# ڪافر ٿيان

ڪلمون پڙهان تہ ڪافر ٿيان
ڪلمون نہ پڙهان تہ بہ ڪافر ٿيان
اندر منهنجو صاف نہ ٿيو
ڪلمو پڙهي ڇا ڪريان
هر ڪنهن کي رڳو آهي تہ
نماز پڙھ نماز پڙھ
سجدي ۾ ڳالهيون وري
آئون وسريل ٿي سوچيان
سچو سجدو اهو آهي
خدا سان واصل بالله آئون ٿيان
دغا منهنجي دل ۾ ڪر ڪريان
ڪافرن جا سڏايان ٿي پاڻ کي مسلمان
دين بہ ويو دنيا بہ وئي
"اختر" نہ ٿيو وصال يار
عبادت تنهنجي سچي ناهي
پوءِ آئون گنهگار ڇو ٿيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڏاڍا ڏونگر ڏاڪڙا

سسئي وانگر سڪ ۾ متان وڃين تون
هي ڏاڪڙا سهي نہ سگھنديئن تون
پنهون پنهون نہ ڪندي وت تون
ٻڌي اها وائي ڏونگر نہ ٽپن تو لاءِ
ٻڌي تنهنجي اچڻ جو مرون اڳئي نہ ٽين آيا
جيءَ ۾ "اختر" تنهنجي جهوري سورن سندي ڪيئن

# لاڳاپا سڀ لاهي!

جهوري جن جي جيءَ ۾ سي سڪ سمهنديون ڪيئن
جيڏيون سکيا هجن اهي جن ڏک ڏنو مون کي
نڪر هتان تون لاڳاپا سڀ لاهي
اُت رهڻ ڪيئن جت قيمت ناهي پيار جي
واٽ وندر جي ٻي ڪا ڳولهي تون لهہ
وٺ راهہ وحدت جي جيئن رسين پنهونءَ کي
وٺي سهارو بسم الله الرحمٰن الرحيم جو ترهو تون ترج
تري پار پونديئن جڏهن مولا جهليندءِ هٿ
وڃي ويندءِ ڪناري چوندءِ اتي تون مون سان هَلِ
مرڪنديئن سدائين "اختر" پنجن جي ڪچهريءَ منجهہ


Scanned with CamScanner

# سمهندي سار لهان

نندون به جن جي نصيب ۾
نندون به مون کان رسي ويون
پنهون وڏو اهڙو کو پيچ
سمهي نندون ڪيئن ڪريان
آئون سمهندي به سار لهان
پنهون نه ڪٿي وڃن پاڻ سان
پنهونءَ ڪي آئون ڳولهي به نه لهان
ته پوءِ "اختر" جيئڻ منهنجو ڪهڙو!

# پرين اڪارج پار

جاڳي الله کي ياد ڪريان
ٻيو نه سجهي مون کي ڪوئي
قادر ڪر نه ڏيارج
جو توکي وساري وهان
حشر ۾ ڪهڙو منهن ڪٿي تو وٽ اچان
ڪرم پنهنجي سان اڪاري ڪج پار
تنهنجي آسري "اختر" تو ڏانهن پئي اچي


Scanned with CamScanner

# اُڏمن سندو مچ

سچ چوندا سپتيا ڪوڙ نه ڪن ڪڏهن
اُڏمن سندو مچ ٻرندو نه دل ۾ ڪڏهن
ڪوٽ پنهنجي دل کي تون "اختر"
موتي ڪڍ تون اندر مان

# ان اونَ ۾

دل بيچين اندر مضطرب اٿم
ڪير ٻڌائي دل کي هاڻ ڇا ٿيو اٿم
ڪنهن شيءِ کي پئي ڳوليان جا ياد نٿي اچيم
ڪو ته منهنجي دل کي سمجهائي
"اختر" مري نه وڃين ان اونَ ۾

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ان سان پيار ڪيم

خبر ڪانہ پيم تہ پيار ڪيئن ٿيم
سهڻي ڪي ڏسي من موهجي ويم
بنان سوچي سمجهي جوان ڪي دل ڏنم
دل ۾ پيار جو اوچتو ڏيئو روشن ٿيم
ان چاڻ ڪان حيرت زده ٿي ويم
کهڙي ميار دل کي، ڏوهہ نہ ان کي ڏنم!

## رت جي ڳوڙهن مان

اکڙيون آليون ۽ دل زخمي پيرن ۾ زنجير اٿم
انڌير جو عجيب هي ننگر ڏٺم
رت جي ڳوڙهن مان پري قلم جو لکيم
ننهن مان ماس جدا ٿيندو اکين سان ڏٺم
مهڻن سان دل زخمي زخمي جا ٿيم
روز ڦاسيءَ تي ٽا چاڙهين پوءِ بہ چپن تي مُرڪ اٿم
پنهنجو ڪو ويساهہ گهاتي ڪندو دل کي نہ اعتبار اٿم
هاڻ تہ "اختر" پنهنجي پرائي جو يقين بہ ختم ٿي ويو اٿم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# چنڊ آهين تون

جهڙو سهڻو ساٿ تنهنجو تهڙو سهڻو تون
ٻيا لڳن ٿا تارا مونکي چنڊ اهين تون
لڳي ٿو ٻالو ڀولو مليو آهين تون
ڪير منهنجي سار لهي نه ملين ها مون کي تون
تون کان پري ڪيئن ٿيان منهنجي طاقت آهين تون
منهنجي دل جان جو مالڪ آهين تون
پيار ڪرڻ وارو وفادار مليو آهين تون
ٻيا لڳن ٿا چانڊي مون کي سون آهين تون
خوش نصيب آهيان پيارو مليو آهين تون
خدا ڪري "اختر" جي دل ۾ سدائين رهين تون!

# پريت آهي مهانگي

پريت جو دڪان آهي مون سجايو
هر سودو سستو پر پريت آهي مهانگي
پريت جو نڪو دين نڪو مذهب آهي
ايندو دل وارو پريت جو سودو ڪندو
پريت جو دڪان توکان پل ۾ کسجي ويندو
دل پنهنجيءَ کي قابو ڪر "اختر" ڪير ته سودو سورڻ ايندو



Scanned with CamScanner



# سگ نه سڃاتو جن

جنهن گس تي توکي وڃڻو ناهي
ڪوهه ڪرين تنهن گس جي پچار
سگ نه سڃاتو جن
تن جي پٺيان ڪوهه لڳين ٿي مورک
هر دم تون راڻو ڪندين وت
راڻو نه پيچ متان راڻو نه ٿيئن تون
راڻو رکنديئن روح ۾
"اختر" ته نه ٿيندو توکي ڏک!

# لوچيان ۽ لهان!

تو سان ٿيندي پريت مون کي خبر ڪهڙي
تو لاءِ آئون ڪهڙا ڪهڙا پڇايان گس
گهر ويٺي ٿي ڳوليان پرينءَ کي
ته منهنجي اها ڪهڙي تو لاءِ سڪ
اٿي لوچيان ته پهچان تو وٽ
"اختر" نڪري پئو ته رسين راڻي وٽ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# سڙيو پيا سڙن!

اندر جي باهہ مان ڪيئن وسايان
پڇي ٿي دل ان ۾ مان ڪيئن پسايان
اندر جي باهہ کي مون لڪائڻ ٿي چاهيو
سنگدل هي ماڻهو ايئن نہ ڪرڻ ڏين ٿا
ٻين کي ڏک ۾ ڏسي هي خوش ٿيان ٿا
ٻين کي جيڪي خوش ڏسي نٿا سگهن
"اختر" اهي پاڻ پنهنجي اندر ۾ سڙيو پيا سڙن!

# آسرو

اندر منجهہ جي الله رکندا سک ڏسندا سي
محبت رکندا محمد (صہ) جي سير چڙهندا سي
عشق رکندا عليءَ سان قبر ڇڏائيندا سي
سک جن کي فاطمہ سان ڪوثر پيئنديون سي
حب جن رکي حسن سان حشر سولو ٿيو تن جو
ماتم جن ڪيو حسين جو پلصراط لنگهندا سي
دل ۾ ٻارنهن رکندا جي ٻيڻا ٿي ملندا تن کي
چوڏنهن هوندا چوڏار زندگيءَ ۾ نہ ٿيندو فڪر و خيال
"اختر" هونديئن انشاءَ الله وچ ۾ تہ پڇاڙو ٿيندءِ معاف
تو جهڙا پاپ شل ٿيندا سين جا!



Scanned with CamScanner



## ماتم

اي دل عشق جو ڇو ڪرين ٿين ماتم
آتش ڪڏهن گهٽ ٿي آهي ڇڻن لڙڪن سان
تون شمع تہ نہ آهين جو روئي روئي وسامي وڃين
عشق ۾ خاردار تارن تان آهي گذرڻو
جان جي بازي لڳائڻ سولي تہ نہ آهي
دل جي قاتل کي آئون وري قاتل ڪيئن چوان
دل آهي جنهن کي مون ڏني ان کي بد دعا ڪيئن ڏيان
دنيا ۾ "اختر" انسان جي ڪا قيمت نہ آهي
محبت جي قيمت وري آهي ڇا؟

## سورن جي ڪهاڻي

سورن جي ڪهاڻي نہ پڇ مون کان سَکِي!
کلندي کلندي روئي ڏيان نہ آئون وري
سورن جي پڇار نہ ڪر تون سهڻي
سور نہ ٿين وري تنهنجا ساٿي
سور تہ آهن منهنجون سهيليون
سور تہ آهن منهنجا ساٿي
هي نہ ٿين ٿا مون کان پري
هنن کي آئون ڪريان ڪيئن پري
سور ٿي ويندا مون کان سواءِ
اڪيلا وري اڪيلا
ڇا ٿي پيو "اختر" دنيا ۾
نہ ٿي وري ڪا تنهنجي سکي
سالن کان سورن ڪئي آهي
جا مون سان اهڙي پياري دوستي!


Scanned with CamScanner

# ساهہ ۾ سانديون

دل چوي ٿي ڇيڙيون پيار جو ڪو سرگم سرگم
سمنڊ ڪناري گيت ڳايون پيار جو مٺڙ مٺڙ
چانڊوڪيءَ ۾ سهڻو لڳين جيئن تون چنڊ هجين
زلف تنهنجا ايئن هوا ۾ اڏامن ڇهرو لڳي ٿو جهل مل جهل مل
لهرن ۾ ايئن لڳين ٿو جهڙي منهنجي ناؤ هجين
آ تہ سمنڊ ڪناري پيار جو تاج محل ناهيون
هن پيار جي نشاني کي ساهہ ۾ سانديون
اهڙو پيار ڪريون "اختر" سڀن جي دلين ۾ امر ٿي وڃون!

# برسات ۾

تون آهين من جو ميت
توکي ڪيئن ٻڌايان
تون آهين دل جو سنگيت
ڪر ڪارا ويس ڪيا
پيار جي ڪا وسي ٿي برسات
وڄن اهڙا چمڪات ڪيا
ڇڻ سڄڻن ڪيا هجن سينگار
سهڻو تون سڀن کان
توکي ڪيئن ٻڌايان دلدار
ڪر گوڙ ڪيو پيا ڳائين
تنهنجي پيار جا سهڻا گيت
آ تہ تنهنجي راهن ۾ گل وڇايان
ٻاري دل جا ڏيئا توکي ڏيکاريان
اچ تون "اختر" وٽ تہ پيار جي
برسات ۾ لڙا پُسايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پيار جا ترانا

جتي پيار سڪون جي زندگي ٿئي بسر
اهڙو سهڻو آهي ڪٿي ڪو نگر
جتي دل جو چين امن ۽ آشتي هجي
ان راهہ جي دڳ لائي ڪو مون کي
جتي بلبليون گيت ڳائنديون هجن
اتي محبت جا ڪي گل ٽڙندا هجن
اهڙي جهان ۾ هل تہ پيار جون سڪون لاهيون
ات هل تہ "اختر" پيار جا ترانا گڏجي ڳايون

# محبت جو نئون ٻج پوکيو

اي سنڌ جا غافل واسيو
هاڻ تہ غفلت مان سجاڳ ٿيو
پاڻ ۾ جهيڙو ڇڏي هوشيار ٿيو
هڪ ٻئي کان نفرت ڇڏي ٻڌي ڪريو
ڪاري ڪارِيءَ جي چڪر مان ٻاهر نڪرو
قبيلائي جهيڙن تي مٽي وجهو
ان مٽيءَ ۾ محبت جو ڪو نئون ٻج پوکيو
جو وڏي پيار جو ڪو سهڻو وڻ ٿئي
نہ تہ سنڌ نہ ڪٿي وڃي توهان کان ڪو پيو
توهان هميشہ لاءِ ڏسندا نہ رهجي ويو!

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# ايڪهين صديءَ جي عورت

هيءَ ايڪهين صديءَ جي عورت آهي
جا ڪڏهن غلامي مان نہ آزاد ٿي آهي
ڪڏهن رسمن رواجن ۾ قيد آهي
تہ ڪڏهن پيءُ ڀاءُ جي شفقت ۾ قيد آهي
وري ڪڏهن مڙس جي محبت ۾ قيد آهي
تہ ڪڏهن ممتا جي مجبوريءَ ۾ قيد آهي
تو "اختر ڪيئن پاڻ کي آزاد سمجهيو آهي
ڏسو هيءَ ايڪهين صديءَ جي عورت آهي!

# ڪِلندن نيڻن کي

پنهنجن ڪلندن نيڻن کي ڇو تون روئاڙين ٿي
خوشين پنهنجن کي ڇو نہ تون نهارين ٿي
وساري دنيا جا سڀ خفا پنهنجي دل تان
پنهنجي دل کي "اختر" ڇو نہ تون سمجهائين ٿي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آڌي پُڇا

دنيا وارن کان کير پڇي
ڇو کن ٿا دل وارن کي جدا
حال پڇڻ بيمار جو اچن ٿا
۽ اهڙي کن ٿا آڌي پُڇا
زخمن تي مرهم رکڻ بدران
لوڻ زخمن تي ٻرکيو وڃن ٿا

# سراب ئي سراب

دل ۾ ڇو ايڏي پياس ئي پياس اٿم
جيڏانهن ڏسان ٿي نهاريان سراب ئي سراب اٿم
زندگيءَ کي ڇو ايڏو فريب ڏنو اٿم
جيئڻ لاءِ "اختر" نه ملي بوند پاڻيءَ جي اٿم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آهون دانهون

ڏکن سان ڀريل زندگي جون راهون آهن
قدم قدم تي لڙڪن جون برساتون آهن
هن مايوس دل جون آهون دانهون آهن
ڪنهن کي "اختر" تنهنجي خوشين جا احساس آهن

# ڪوڙ وڪامي ٿو

ڪوڙ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڪامي ٿو
سچ ڳولهي بہ ڪٿان ڪونہ ملي ٿو
ڪوڙ انسان جي نس نس ۾ رهي ٿو
سچ جي نالي ڪان "اختر" انسان سِڪي ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# محبت ايڏي ملي

خوشيءَ جي هوا لڳندي ته ڪڏهن
منهنجي دل به جهومندي ڪڏهن
خدا ڪري "اختر" توکي محبت ايڏي ملي
دل نه تنهنجي ان مان ڀرجي ڪڏهن!

# ٻالي ڀولي ٻارڙي

هئي هڪ معصوم ٻالي ڀولي ٻارڙي
جنهن کان کسجي وئي ننڍپڻ جي هر راندڙي
ننڍپڻ جو هو پيارو سهڻو دور هو
پوءِ به ڇڏائجي وئي ان کان هر خوشي ڙي
چوپاسي ان لاءِ ڏکن جو گهيرو هو
پوءِ ان کان وسري وئي هر ڳالهڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# ڪيڏو نہ نادان آهين

جُهريل دل کي تون ڇو جُهورين ٿو
دل جي زخمن کي تون وري ڇو ڇورين ٿو
منهنجي دل کي پڇي ڪيئي ٽڪرا ٽڪرا
ڪيڏو نہ نادان آهين ڀڳل دل کي جوڙين ٿو

# ناداني

اي، دل محبت ڪرڻ جي ناداني ڇو تو ڪئي
هاڻ تہ ان جي سزا توکي سهڻي پوندي
ڇا ڇا ارمان تو سجائي رکيا محبوب لاءِ
سڀ تنهنجا ارمان وکرجي ويا هميشہ لاءِ


Scanned with CamScanner

# ناسور

چوٽ دل تي ڪا اهڙي مون کي لڳي
وسارڻ چاهيم پر مون کان وسري نہ سگهي
زندگي منهنجي رسي رسي جا ناسور ٿي
ڇا ڪريان اهڙي زندگيءَ کي جا منهنجي نہ ٿي
ماڻهو تہ بي وفا ٿيا زندگي تون بي وفا نہ ٿي
پرينءَ کي ڏسڻ تائين تہ تون وفادار ٿي
قسم اٿئي خدا جو زندگي "اختر" سان ظالم نہ ٿي
تون بہ ٻين جيان بي قياسي تہ نہ ٿي

# انڌ جي گهوڙي تي

هي شير جوان سُورما ڏسو
انڌ جي گهوڙي تي هي چڙهيل ڏسو
هٿ ۾ پستول هٿين تہ انهن جي بهادري ڏسو
خالي هٿن هجن تہ هنن کي ڀڄندي ڏسو
انسانن کي اهڙي طرح ٿا ذبح ڪن
ڄڻ ڪو قربانيءَ جو ٻڪرو هجن
هي ڪي بي رحم يزيد قاتل هجن
زندگي تباهہ ڪرڻ جي پٺيان چو لڳل آهن
مذهب جي دوڪي ۾ وڪاميل آهن
تہ ڪڏهن غيرت جي نالي وڪاميل آهن
آهي ڪو هنن کي سمجهائڻ وارو
پر هي ڪجهہ بہ سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهن
ڏسو هي ايڪيهين صديءَ جا جوان آهن
بي وقوف بڻجڻ لاءِ هر وقت تيار آهن
جو ديش کي برباد ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهن

Scanned with CamScanner

# محبت جو جام پيارو

محبت جو ڀري جام پيارا اسان کي پياريو
حُسن وارا سان جي دل جي ميخاني کي به سجايو
ڪٿي نيڻ سهڻا اسان ڏانهن به ڪي نهاريو
ويٺا آهيون راهن ۾ اسان کي به پڪاريو
محبت جي خيرات مان "اختر" کي به ڪجهه ڏياريو
سونهن وارا اهڙا ناز ڀريا انداز نه ڏيکاريو

# ڌنڌلا عڪس

يادن کي وسارڻ چاهيان ٿي تيئن ياد اچن ٿيون
يادون ايذيون وڏيون ظالم ڇو آهن
ڌنڌلا عڪس بڻجي اکين ۾ رهن ٿيون
اهي يادون ڪجهه مٺيون ڪجهه ڪڙيون آهن
پوءِ به ماضيءَ جون ڳالهيون پياريون لڳن ٿيون
دل تنهنجي کي "اختر" ڪڏهن ونڊرايو وڃن ٿيون

Scanned with CamScanner

# زندگيءَ سان ساٿ

زندگي توکي مان ڇا سمجهان
خوشي سمجهان يا غم سمجهان
زندگيءَ غم ڏنو يا خوشي "اختر"
پوءِ بہ زندگيءَ سان ساٿ نڀايو وڃجاءِ

# درد منهنجي دل جو آهي

هر لفظ ۾ درد منهنجي دل جو آهي توکي ڇا ٻڌايان
پنهنجو جو حال خط ۾ توکي ڇا ياد ڏياريان
منهنجو هر اکر ساهہ وانگر دل ۾ تون سمورحان
پاڻ ندي جا بہ ڪنارا آهيون توکي مان ڪيئن سمجهايان
پنهنجي يادن ۾ مون کي تون هميشہ رک جان
تون منهنجي ساهہ ۾ آهين "اختر" گل جي خوشبوءِ جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)